جتي پڙهڻ ۾ آساني هجي اُتي پڙهي سگهو ٿا. هن وظيفي جي فضيلت هي آهي: جيڪو عيد جي ڏينهن سُبۡحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمۡدِهٖ 300 ڀيرا پڙهي ڪري تمام مسلمانن کي ايصالِ ثواب ڪندو ته انهن مان هرهڪ جي قبر ۾ هڪ هزار نور داخل ٿيندا ۽ جڏهن هن وظيفي کي پڙهڻ وارو انتقال ڪندو ته اُن جي قبر ۾ به هڪ هزار نور داخل ٿيندا. (مكاشفة القلوب، ص308) عيد جي ڏينهن صبح صادق کان وٺي ڪري غروبِ آفتاب تائين سڄو ڏينهن عيد جو ڏينهن آهي، هن ۾ ڪنهن به وقت هي وظيفو پڙهي سگهو ٿا، عيد جي ڏينهن روزو رکڻ جائز ناهي. (فتاوىٰ ہنديہ، 201/1، ملفوظات امير اہل سنت، 307/8)

سوال: ڇا عيد جي ڏينهن به مريضن جي عيادت ڪرڻ گهرجي؟.

جواب: جي ها، عيد جي ڏينهن به مريضن جي عيادت ڪرڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن مريض عيد جي پهرين ڏينهن پنهنجي عزيز ۽ دوست جو انتظار ڪري رهيو هوندو آهي ته اڄ پهرين عيد آهي، منهنجو دوست مون سان ملڻ ضرور ايندو ۽ عيد مبارڪ چوندو. جيڪڏهن دوست عيد جي پهرين جي بجائي ٻئي ڏينهن اچي ته مريض کي ايتري خوشي نه ٿيندي جيتري خوشي پهرين ڏينهن اچڻ تي ٿئي ها، پوءِ دوست به ٻئي ڏينهن اچي ڪري طرح طرح جا عُذر بيان ڪندو آهي ته مهمان اچي ويا هئا يا فلاڻي چاچي جي گهر عيد ملڻ ويو هيس. ٿي سگهي ته مريض جي مالي مدد به ڪيو ته بعض اوقات مريض نهايت بُري حالت ۾ هوندو آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب چيو هوندو آهي ته فلاڻي ٽيبليٽ وٺڻ تمام ضروري آهي، جڏهن ته اُن وٽ ٽيبليٽ وٺڻ جا پيسا ناهن هوندا ۽ عيادت ڪرڻ وارا گل ڪٽي ايندا آهن، حالانڪ بهتر هي

آهي تہ مريض کي رقم ڏني وڃي جنهن سان هُو پنهنجون ضرورتون مثلاً ٽيبليٽ ۽ ٻيون دوائون وغيره خريدي سگهن. ڪڏهن ڪڏهن عيادت ڪرڻ واري کي خبر نہ هجڻ ڪري اها شيءِ وٺي ايندو آهي جنهن جي مريض کي پرهيز ڪرڻي هوندي آهي مثلاً مريض کي شگر آهي ۽ عيادت ڪرڻ وارو ان جي دلجوئي جي نيّت سان مٺائي خريد ڪري آڻيندو آهي تہ هاڻي ويچارو مريض اها مٺائي ڪيئن کائي، فرض ڪيو جيڪڏهن جوش ۾ اچي ڪري مٺائي کائي بہ وٺي تہ بعد ۾ اَذيت جو شڪار ٿي ويندو تہ مٺائي تہ شوگر جي مريض جي لاءِ زهر جيان آهي، هن ۾ گهٽي مقدار ۾ مٺاڻ هوندو آهي جنهن جي ڪري شگر جو مريض مري بہ سگهي ٿو. وري مٺائي ناهڻ وارا خراب قسم جو مائو وجهندا آهن جنهن جي ڪري انساني طبيعت خراب ٿي سگهي ٿي ويندي آهي. سيئي مٺائي ناهڻ وارا اهڙا ناهن هوندا پر جيڪي ماڻهو ايئن ڪندا آهن انهن کي الله پاڪ کان ڊڄڻ گهرجي. (ملفوظات امير اہل سنت،310/8)